# ۴. مزيدار پاڇو

پڙهو ۽ ڳايو.



عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اِهو ڪارو ڪارو مزي موڄ وارو،
صفا هوبهوُ آ، مون جهڙو پيارو،
ڪڏهن به نہ مونکان ٿئي ڌار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اَڪيلو نہ گهاري، گِڏ آهي گيدي،
سندس رنگ ڪارو، پڪو آهه شيدي،
هوُ گوُنگو، ڪري ڪا نہ گُفتار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

جتي آءُ گهاريان، اُتي هوُ بہ گهاري،
صبح شام مون ساڻ گڏ ٿو گذاري،
نہ ٿئي ڌار جيڪو، اُهو يار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

نہ ٿو ڏيري ڏيري وڌي، ٻارڙن جيان،
ڪڏهن ڏِسُ وڏو ٿي وڃي، ٿو وٽن ڪان،
ڪڏهن ڏِسُ تہ آهي، ننڍڙو ٻار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

اُٿيس مان سويرو، هو پرڀات ويلو،
ڏٺم ڪيس غائب، هيس مان اَڪيلو،
نہ هوندو اُٿيو ننڊ مان، يار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

**نوان لفظ:**

هوُبهوُ - بلڪل ساڳيو
پرڀات - اَسُر، صبح جو سويل
گهاري - گذاري
گيدي - ڪانئر، ڊڄڻو
گفتار - گفتگو
گونگو - جيڪو ڳالهائي نہ سگهي

## اَڀياس

سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

۱) پاڇو ڪهڙي رنگ جو آهي؟
۲) پاڇو ڪيڏي ڪيئن آهي؟
۳) ڪوڙيءَ پاڇي کي ڪنهن وقت غائب ڏٺو؟
۴) پاڇو ڪوڙيءَ جو يار ڪيئن آهي؟

سوال ۲ : هيٺين ۾ خال ڀريو :-

۱) صفا .......... آ، مون جهڙو پيارو.
۲) اَڪيلو نہ ڪڏهن ڇڏي ........ آهي ڪيڏي.
۳) ڪڏهن ڏس تہ آهي ............. يار پاڇو.

سوال ۳ : جوڙا ملايو :-

| | |
|---|---|
| ۱) اِهو ڪارو ڪارو | گڏ ٿو گذاري |
| ۲) هوُ گونگو | هو ڀريات ويلو |
| ۳) صبح شام مون ساڻ | مزي مؤج وارو |
| ۴) اُٺيس مان سويرو | ڪري ڪانہ گُفتار پاڇو |

سوال ۴ : ساڳئي اُچار وارن لفظن جا جوڙا ملايو :-

ڪيڏي، يار، مُنهنجو، ننڍڙو، ڀار، شيدي، تُنهنجو، وڏڙو

| | | | |
|---|---|---|---|
| (۱) ................<br>................ | (۲) ................<br>................ | (۳) ................<br>................ | (۴) ................<br>................ |

سوال ۵ : بيت جون سٽون لکي پوريون ڪريو :-

۱) اَڪيلو نہ ڇڏي .................................. گُفتار پاڇو.
۲) اهو ڪارو ڪارو ........................................ ٿئي ڏار پاڇو.

هدايت :- ۱) ماستر شاگردن کي بيت سُر تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
۲) ماستر شاگردن کي هٿ جي آڱرين سان اَلڳ اَلڳ آڪار جا پاڇا ناهي ڏيکارڻ لاءِ همٿائيندو.
مشغولي :- ماستر شاگردن کي پاڇو ۽ عڪس جي وچ ۾ فرق سمجهائيندو.

## پورڪ اَڀياس

۱- بيت جي آڌار تي خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | واسطيدار لفظ | لفظ | واسطيدار لفظ |
|---|---|---|---|
| ۱. مان<br>۲. جيڪو ڳالهائي نہ سگهي<br>۳. وقت | ......................<br>......................<br>...................... | ۴. بلڪل ساڳيو<br>۵. نظر کان پري<br>۶. جُدا | ......................<br>......................<br>...................... |

# پاڄين جو مارڪيٽ

ڏسو، ڄاڃيو ۽ ٻڌايو.



هدايت : ١. ماستر شاگردن کي چتر بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائي ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
٢. ماستر شاگردن کان پاڄين جي مارڪيٽ جي آزمودي بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائي پاڄين جي اَگھ بابت ڄاڻ لِکڻ لاءِ چوندو.